مدني مراڪز (فيضانِ مدينہ) ۾ شعبہ امام مساجد (دعوتِ اسلامي) جي تحت مسجدن جي لاءِ 25 سيپٽمبر 2026ء (متوقع اسلامي تاريخ 13 ربيعُ الآخر 1448ھ) جمعة المبارڪ جو

قرآني بيان

بنام

بني اسرائيل جو گابو

هن بيان ۾ توهان ڇاڻي سگهندؤ...

- ... فرق طالب ۽ مطلوب ڪو ڏسي....!!
- ... توحيد پرستي جو هڪ مثال
- ... ناشڪري عذاب جو سبب آهي.
- ... يمن وارا سيلاب ۾ گرفتار ڇو ٿيا؟

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة

Islamic Research Center

(شعبہ: بياناتِ دعوتِ اسلامی)

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ اللّٰه وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ اللّٰه

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ اللّٰه وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ اللّٰه

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتكاف جي نيّت ڪئي)

درودِ پاڪ جي فضيلت

اربعينِ عطار، قسط: 2، صفحو: 3، حديثِ پاڪ نمبر: 3 آهي:

اَيُّمَا رَجُلٍ مُسْلِمٍ لَمْ يَكُنْ عِنْدَهٗ صَدَقَةٌ، فَلْيَقُلْ فِيْ دُعَائِهٖ: اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ عَبْدِكَ وَرَسُوْلِكَ، وَصَلِّ عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ وَالْمُؤْمِنَاتِ، وَالْمُسْلِمِيْنَ وَالْمُسْلِمَاتِ، فَاِنَّهَا زَكَاةٌ لَّا يَشْبَعُ الْمُؤْمِنُ خَيْرًا حَتّٰى يَكُوْنَ مُنْتَهَاهُ الْجَنَّةُ۔

ترجمو: جنهن مسلمان وٽ صدقو ڪرڻ لاءِ ڪجهه نه هجي، ان کي گهرجي ته پنهنجي دعا ۾ هيئن چوي: صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ عَبْدِكَ وَرَسُوْلِكَ، وَصَلِّ عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ وَالْمُؤْمِنَاتِ، وَالْمُسْلِمِيْنَ وَالْمُسْلِمَاتِ ته هي زڪوات آهي ۽ مؤمن ڪڏهن به پلائيءَ مان سير ناهي ٿيندو ايتري تائين جو جنت ان جو نڪاڻو هوندي آهي.[1]

1...ابن حبان، كتاب الرقائق، باب ذكر البيان بيان صلاة الداعى ربه...الخ، صفحه:348، حديث:903۔

اَلسَّلَام اے خُسروِ دنیا و دیں	اَلسَّلَام اے راحتِ جانِ حَزیں
اَلسَّلَام اے نورِ ایماں اَلسَّلَام	اَلسَّلَام اے راحتِ جاں اَلسَّلَام
غمزدوں کو آپ کر دیتے ہیں شاد	سب کو مل جاتی ہے منہ مانگی مراد
کیجئے رَحمت حَسَن پر کیجئے	دونوں عالَم کی مُرادیں دیجئے (1)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

قَالَ اللّٰهُ تَبَارَكَ وَ تَعَالٰى فِي الْقُرْاٰنِ الْكَرِيْم (الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو):

وَاِذْ وٰعَدْنَا مُوْسٰۤى اَرْبَعِيْنَ لَيْلَةً ثُمَّ اتَّخَذْتُمُ الْعِجْلَ مِنْۢ بَعْدِهٖ وَ اَنْتُمْ ظٰلِمُوْنَ ﴿۵۱﴾

ثُمَّ عَفَوْنَا عَنْكُمْ مِّنْۢ بَعْدِ ذٰلِكَ لَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ ﴿۵۲﴾

(سيپارو: 1، البقرة: 51/ 52)

صَدَقَ اللّٰهُ الْعَظِيْم وَ صَدَقَ رَسُوْلُهُ النَّبِيُّ الْكَرِيْم صلى الله عليه وآله وسلم

ترجمو ڪنزُالعرفان: ۽ ياد ڪريو جڏهن اسان موسيٰ کان چاليهه راتين جو واعدو فرمايو پوءِ ان جي پٺيان توهان گابي جي پوڄا شروع ڪري ڏني ۽ توهان واقعي ظالم هئا، پوءِ ان کان بعد اسان توهان کي معافي عطا فرمائي ته جيئن توهان شڪر ادا ڪريو.

پيارا اسلامي پائرو! اسان سيپارو: 1، سورة بقره، آيت: 51 ۽ 52 پڙهڻ جي سعادت حاصل ڪئي، هن آيتِ ڪريمه ۾ بني اسرائيل جو هڪ واقعو ذڪر

1...ذوقِ نعت، صفحہ:294 و 299 ملتقطًا۔

ڪيو ويو آهي، اچو! پهريان اهو واقعو ٻڌون ٿا، پوءِ قرآني آيت ٻڌڻ، سمجهڻ ۽ ان مان سبق پرائڻ جي ڪوشش ڪنداسين.

بني اسرائيل جوگابو

واقعو هيئن ٿيو جو جڏهن فرعون غرق ٿيو، بني اسرائيل کي ان کان آزادي نصيب ٿي، بني اسرائيل خوشيءَ سان زندگي گذارڻ لڳا، هاڻي الله پاڪ حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام کي حڪم ڏنو: اي موسيٰ! توهان ڪوهِ طور تي اچو! توهان کي هڪ ڪتاب ڏنو ويندو.

پهريان 30 ڏينهن ڪوهِ طور تي اعتڪاف ڪرڻ جو حڪم ٿيو، تنهنڪري حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام پنهنجي ڀاءُ حضرت هارون عَلَيْهِ السَّلَام جيڪي پاڻ ۾ نبي آهن، انهن کي پنهنجو خليفو بڻائي پاڻ ڪوهِ طور تي تشريف کڻي ويا. [1] 30 ڏينهن اعتڪاف فرمايو، روزا رکيا، آخري ڏينهن جڏهن الله پاڪ سان همڪلامي جو شرف نصيب ٿيڻو هو، حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام مسواڪ ڪئي، نظافت ۽ پاڪيزگي اختيار ڪئي ۽ الله پاڪ جي حضور حاضري لاءِ تيار ٿي ويا. جڏهن همڪلامي جو شرف مليو تہ الله پاڪ فرمايو: اي موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام! روزا رکڻ سان توهان جي وات ۾ جيڪا مهڪ هئي، اها منهنجي ويجهو مشڪ کان ۾ وڌيڪ عزيز آهي، توهان مسواڪ ڪري اها مهڪ ختم ڪري ڇڏي، تنهنڪري هاڻي وڌيڪ 10 روزا رکو! [2]

سُبْحٰنَ الله! خبر پئي: روزو تمام گهڻو پسنديده عبادت آهي، روزو رکڻ سان بک جي ڪري وات ۾ جيڪا هڪ خاص قسم جي مهڪ ٿي ويندي آهي، الله

1...تفسير بغوى، پاره:1، سورۂ بقرة، زيرِ آيت:51، جلد:1، صفحه:49خلاصةً۔
2...تفسير نعيمى، پاره:1، سورۂ بقرة، زيرِ آيت:51-53، جلد:1، صفحه:382 خلاصةً۔

پاڪ کي اها مهڪ به تمام گهٽي پسند آهي ته خود روزو کيتري قدر پسند هوندو. الله پاڪ توفيق ڏئي، اسان کي گهرجي ته فرض روزن سان گڏ نفل روزا به رکندا کريون.

روزہ داروں کے واسطے وَاللہ! مَغفِرت کی نَوِید ہوتی ہے[1]

خير! حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام هاڻي 10 ڏينهن جو وڌيڪ اعتڪاف کيو، وڌيڪ 10 روزا رکيا، پوءِ الله پاڪ سان همڪلامي جو شرف حاصل کيو.

ٻئي طرف چا ٿيو جو سامري جيڪو هڪ منافق شخص هو، تمام گهٽو گمراهه هو، ان بني اسرائيل کي ٻڌڪائڻ لاءِ سون چانديءَ وغيره جو هڪ گابو ٺاهيو، ان ۾ ڪا شيءِ اهڙي وڌائين جو اهو گابو آواز ڪڍڻ لڳو. هاڻي سامري چيو: اي بني اسرائيل! حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام خدا سان ملڻ کوهِ طور تي ويا آهن جڏهن ته خدا ته توهان وٽ اچي ويو، هن گابي ۾ خدا حلول کيو آهي ۽ توهان سان همڪلام آهي. (اَسْتَغْفِرُ الله ! اَسْتَغْفِرُ الله!).

بني اسرائيل سامري جي ٻڌڪائڻ ۾ اچي ويا ۽ ان بي جان گابي کي خدا سمجهي پوڄڻ شروع ڪري ويا .[2]

هوڏانهن بني اسرائيل هن شرڪ ۾ مبتلا هئا، هتي الله پاڪ حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام کي سڄي صورتحال کان آگاهه فرمائي ڇڏيو، تنهنڪري حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جلال ۾ اچي ويا ۽ تمام گهٽو غضبناڪ ٿي واپس تشريف کڻي آيا، ان گابي کي ٽوڙي چڪنا چور ڪري ڇڏيائون، سامري کي سخت

1...وسائلِ بخشش، صفحہ:707 ملتقطًا۔
2...تفسیر بغوی، پارہ:1، سورۂ بقرۃ، زیرِ آیت:51، جلد:1، صفحہ:49 و50خلاصۃً۔

سزا ڏنائون ۽ بني اسرائيل کان توبہ ڪرائي ٻيهر ڪلمو پڙهائي ڇڏيائون. [1]

پيارا اسلامي ڀائرو! سامري وٽ اهڙي ڪهڙي شيءِ هئي، جيڪا هن سون جي گابي تي وڌي تہ اهو ڳالهائڻ لڳو، ان جو بيان سيپارو: 16، سورة طٰہٰ ۾ آهي، حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام ان کان پڇيو تہ تو هي ڪيئن ڪيو؟ تہ چوڻ لڳو:

بَصُرْتُ بِمَا لَمْ يَبْصُرُوْا بِهٖ فَقَبَضْتُ قَبْضَةً مِّنْ اَثَرِ الرَّسُوْلِ فَنَبَذْتُهَا

ترجمو ڪنزُالعرفان: مون اهو ڏٺو جيڪو ماڻهن نہ ڏٺو سو مون ملائڪ جي نشان وٽان هڪ مُٺ پري پوءِ ان کي ڦٽي ڪيم. (سيپارو: 16، طٰہٰ: 96)

يعني اي موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام! مون اهو ڏٺو جيڪو بني اسرائيل کي نظر نہ آيو، مطلب مون جڏهن جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام کي ڏٺو ۽ انهن کي سجاڻي ورتو، اهي گهوڙي تي سوار هئا، تنهنڪري مون انهن جي گهوڙي جي قدمن جي نشان مان مٽي جي هڪ مٺ کڻي ورتي، پوءِ ان کي گابي ۾ وجهي ڇڏيو، انهيءَ سبب سان هي گابو زنده ٿي ڳالهائڻ لڳو. [2]

تبرڪات جون برڪتون

پيارا اسلامي ڀائرو! هتي غور ڪريو! حضرت جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام الله جا پيارا آهن، اهي بيشڪ بابرڪت آهن پر واسطن جي ڳٽ ڪريو: ◈ حضرت جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام الله جا پيارا ◈ انهن سان گهوڙي کي نسبت ٿي ◈ گهوڙي جي قدمن سان مٽي کي نسبت ٿي، ان مٽي جي اندر الله پاڪ ايتري تاثير

1...تفسير نعيمي، پاره:1، سورۂ بقرة، زيرِ آيت:51-53، جلد:1، صفحه:385و 386 مفصلاً۔
2... تفسير طبري، پاره:16، سورۂ طٰہٰ، تحت الآية:96، جلد:8، صفحه:451، حديث:24293۔

پيدا ڪري ڇڏي جو اها متي لڳڻ سان بي جان گابي ۾ جان پئجي وئي، اهو ڳالهائيندو نہ هو، ڳالهائڻ لڳو. اللّٰہُ اکبر! خبر پئي تبرڪات الله پاڪ جي عطا سان زندگي بخش هوندا آهن، انهن جي برڪت سان مري ويل دليون زنده ٿيندیون آهن، مري ويل قومن کي عروج ملندو آهي ۽ الله پاڪ تبرڪات جي اندر مري ويلن ۾ جان وجهي ڇڏڻ جي بہ تاثير پيدا ڪري ڇڏيندو آهي.

علماءِ ڪرام فرمائن ٿا: نيڪن ۽ پاڪن جي تبرڪات ۾ تاثير هوندي آهي، هاڻي هي هڪڙن جو فرق آهي، جيڪڏهن اهي تبرڪات گستاخن جي هٿ ۾ اچن تہ انهن جي لاءِ تبرڪات جا منفي اثرات هوندا آهن، ادب وارن وٽ اچي وڃن تہ انهن تبرڪات جا اثرات نيڪ ٿي ويندا آهن، ڏسو! سامري گستاخ هو، بي ادب هو، حضرت جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام جي گهوڙي جي قدمن سان لڳڻ واري متي ان جي هٿ آئي، هي چاهي ها تہ ان مان تمام گهڻيون برڪتون حاصل ڪري سگهيو ٿي پر هي گستاخ هو، هن ان پاڪ متي جي بي ادبي، گستاخي ڪئي ۽ ان کي شرڪ لاءِ استعمال ڪيو، تنهنڪري هن شرارت جي ڪري بني اسرائيل گمراهہ ٿي ويا. (1)

الله پاڪ توفيق ڏئي، اسان کي گهرجي تہ بزرگن جا تبرڪات نصيب ٿين تہ انهن جو ادب ڪريون، انهن جي تعظيم ڪريون ۽ برڪتون حاصل ڪندا ڪريون. اٰمِيْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

هي شان آهي خدمتگارن جو

اي عاشقانِ رسول! هن جڳهہ تي هڪ ٻيو ايمان افروز نڪتو آهي حضرت جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام جن جي گهوڙي جي قدمن سان لڳڻ واري متي بي جان ۾

1...تفسير روح البيان، پاره:16، سورۂ طٰہٰ، زير آيت:96، صفحہ:426 خلاصتًہ۔

جان وجهڻ جو اثر رکي ٿي، هي جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام ڪير آهن؟ ملائڪن جا سردار ۽ اسان جي پياري نبي، محمد عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جا خادم. هاڻي اسان چو نہ چئون:

چاہیں تو اشاروں سے اپنے کایا ہی پلٹ دیں دُنیا کی
یہ شان ہے اُن کے غلاموں کی سرکار کا عالم کیا ہو گا

الله! الله! اندازو لڳايو! جڏهن خادم جي، گهوڙي جي قدمن سان لڳڻ واري مٽي اهڙي آهي تہ الله جي نعمت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جا مبارڪ قدم جنهن خاڪ تي لڳي وڃن ان خاڪ جو رتبو چا هوندو! عاشقن جا امام، اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنت رحمةُ الله عليه ان خاڪِ پاڪ جو شان بيان ڪن ٿا:

ذرّے جھڑ کر تیری پیزاروں کے | تاجِ سر بنتے ہیں، سیاروں کے[1]

وضاحت: يا رسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم! اوهان جي نعلين شريف کي مبارڪ قدمن سان نسبت ٿي، نعلين شريف کي مٽيءَ چميو، هي مٽي جيڪا نعلين پاڪ مان برڪت ميڙي رهي آهي، ان مٽي جا ذرا نعلين شريف مان چڻن ٿا تہ انهن ذرن کي آسمان جا سيارا، سج، چند، مشتري، زحل وغيره پنهنجي مٽي جو تاج بڻائي ونن ٿا.

آيتِ ڪريم جي وضاحت

پيارا اسلامي پائرو! هي واقعو ٿيو تہ بني اسرائيل گابي جي پوڄا ڪري

1...حدائق بخشش، صفحہ:359۔

شرڪ ڪيو، هي جرم تہ تمام وڏو هو پر الله پاڪ رحم فرمايو، انهن کي توبہ جي توفيق عطا ڪري چڏي، انهيءَ انعام جو ذڪر ڪندي الله پاڪ فرمايو:

وَاِذْ وٰعَدْنَا مُوْسٰۤى اَرْبَعِیْنَ لَیْلَةً ثُمَّ اتَّخَذْتُمُ الْعِجْلَ مِنْۢ بَعْدِهٖ وَ اَنْتُمْ ظٰلِمُوْنَ ﴿۵۱﴾

ثُمَّ عَفَوْنَا عَنْكُمْ مِّنْۢ بَعْدِ ذٰلِكَ لَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ ﴿۵۲﴾

ترجمو ڪنزُالعرفان: ۽ ياد ڪريو جڏهن اسان موسيٰ کان چاليهہ راتين جو واعدو فرمايو پوءِ ان جي پنيان توهان گابي جي پوڄا شروع ڪري ڏني ۽ توهان واقعي ظالم هئا، پوءِ ان کان بعد اسان توهان کي معافي عطا فرمائي تہ جيئن توهان شڪر ادا ڪريو. (سيپارو: 1، البقرة: 51، 52)

يعني اي بني اسرائيل! ياد ڪريو! جڏهن الله پاڪ موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام کي ڪتاب ڏيڻ جو واعدو فرمايو، کين ڪوهِ طور تي گهرايو، حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام اتي 40 راتيون اعتڪاف فرمايو، هوڏانهن توهان جي هدايت جو سامان ٿي رهيو هو، توهان جي لاءِ تورات شريف نازل ڪرڻ جو اهتمام هو، هيڏانهن توهان بيوقوفي ڪئي، گهرجي ها تہ شڪر بجا آڻيو ها، توهان ابتو شرڪ ۾ مبتلا ٿي ويا پر الله پاڪ جو ڪرم ڏسو! توهان تي الله پاڪ جو فضل ۽ احسان ڏسو جو اهڙي ظلمِ عظيم جي باوجود رب ڪريم توهان تي عذاب نہ موڪليو، توهان کي تباهہ ۽ برباد نہ ڪيو، فرعون وانگر توهان کي غرق نہ ڪيو بلڪ توهان کي توبہ جي توفيق بخشي، پوءِ توهان جي توبہ قبول ڪئي ۽ ٻيهر ايمان جي نعمت عطا فرمائي چڏي. هي سڀ ڇو هو؟ ان لاءِ تہ جيئن توهان شڪر گذار بڻجو، تنهنڪري هاڻي هن انعام جو شڪر ادا ڪريو!

اسان جا محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم تشريف کٹي اچي چکا آهن، انهن جو کلمو پڑهي، ٻنهي جهانن جي رحمتن جا حقدار ٻڌجي وجو...!!

آج لے اُن کی پناہ آج مدد مانگ اُن سے | پھر نہ مانیں گے قیامت میں اگر مان گیا[1]

آيتِ کريم مان ملندڙ سبق

پيارا اسلامي ڀائرو! هن آيتِ کريم مان اسان کي کيتريون ئي ڳالهيون سکڻ لاءِ ملن ٿيون:

فرق طالب ءِ مطلوب جوڏسي کو...!!

پهرين ڳالهه هيءَ غور کريو! ته الله پاڪ حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام کي تورات شريف عطا فرمائڻو هو، تنهنکري کين کوهِ طور تي گهرايو ويو، 40 ڏينهن اعتکاف ٿيو، روزا رکيا ويا، عبادت ٿي، تڏهن کين تورات شريف عطا کيو ويو. يقينن هي به تمام وڏو شان آهي پر محبوب نبي، رسولِ هاشمي، محمدِ عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جو بلند شان ڏسو! پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم غارِ حرا ۾ تشريف فرما هئا، کين کٹي گهرايو نه ويو، کٹي وڃڻ جي زحمت نه ڏني وئي بلڪ جتي پاڻ هئا، جبرائيلِ اَمين عَلَيْهِ السَّلَام کي اتي ئي موڪلي قرآن عطا کيو ويو.

بلڪ ايتري تائين بس ناهي، محبوبِ کريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جتي تشريف رکن ٿا، قرآن جون آيتون اتي ئي لهن ٿيون ◈ محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم مکي ۾ آهن، قرآن مکي ۾ نازل ٿي رهيو آهي ◈ محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم مديني ۾ آهن، قرآن مديني ۾ نازل ٿي رهيو آهي ◈ محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم طائف

1...حدائقِ بخشش، صفحہ:56۔

۾ آهن، قرآن طائف ۾ نازل ٿي رهيو آهي ◈ محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم سفر ۾ آهن، قرآني آيتون سفر ۾ نازل ٿيون ◈ محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم مسجد ۾ آهن، قرآني آيتون مسجد ۾ اچن ٿيون ۽ قربان وڃجي! ◈ محبوبِ ذيشان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم بستري مبارڪ تي آهن ته قرآني آيتون بستري مبارڪ تي ئي لهن ٿيون، ڪٽي به اچڻ وڃڻ جي زحمت نه ڏني ويندي آهي.

خبر پئي: حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام طالب آهن، پاڻ طلبگار هئا، ان ڪري تورات ونڻ لاءِ ڪوهِ طور تي ويا پر محبوبِ ذيشان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم طالب نه بلڪ مطلوب آهن، سندن رضا کي طلب ڪيو ويندو آهي، تنهنڪري ڪٽي وڃڻ جي زحمت نه ٿي، جتي حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم آهن، قرآني آيتون به اتي ئي لاٿيون ويون آهن. (1)

فرقِ طالِب و مطلوب دیکھے کوئی ۔۔۔ قصّۂ طُور و معراج سمجھے کوئی
کوئی بے ہوش، جلووں میں گم ہے کوئی ۔۔۔ کس کو دیکھا یہ موسیٰ سے پُوچھے کوئی
آنکھ والوں کی ہمّت پہ لاکھوں سلام

وضاحت: جيڪڏهن ڪو واقعهءِ طور ۽ واقعهءِ معراج تي غور ڪري ته ان تي طالب ۽ مطلوب (يعني محبوبِ ذيشان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم ۽ موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي شان ۽ عظمت) جو فرق چڱيءَ طرح واضح ٿي ويندو ته موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام طور جي مقام تي طالب بڻجي پاڻ حاضر ٿيا، پر الله پاڪ جو ديدار نه ڪري سگهيا ۽ رڳو هڪ تجليءَ سبب بيهوش ٿي ويا: جڏهن ته واقعهءِ معراج تي ويچار ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو: رب ڪريم پاڻ جبرائيلِ امين عَلَيْهِ السَّلَام کي

1...تفسير نعيمي، پاره:1، سورۂ بقرة، زير آيت:51-53، جلد:1، صفحه:384 مفصلًا۔

موڪلي محبوبِ ذيشان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم کي عرش تي گهرايو ۽ پنهنجو ديدار عطا فرمايو ۽ پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم الله پاڪ جي جلوَن ۾ گُم رهيا. هي آهي طالب ۽ مطلوب جو فرق! ۽ اهڙي عظيم اکين واري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم تي لکين سلام هجن.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

محبوب جي اُمت جي هڪ فضيلت

پيارا اسلامي پائرو! پوءِ هتان ئي هي به غور ڪريو! ته حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام صرف 40 ڏينهن جي لاءِ ڪوهِ طور تي تشريف کڻي ويا، حضرت هارون عَلَيْهِ السَّلَام کي خليفو به بڻايو هئائون، مڪمل انتظام فرمائي ويا هئا، ان عَلَيْهِ السَّلَام جي باوجود بني اسرائيل جي طبيعت ايڏي سخت هئي جو 40 ڏينهن به دين تي قائم نه رهي سگهيا، شرڪ ۾ مبتلا ٿي ويا، هڪ بي جان گابي کي پنهنجو خدا سمجهي وينا. هيڏانهن پياري محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي پياري امت جو شان ڏسو! پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم کان جدا ٿي تقريبن ساڍا 14 صديون گذري چڪيون آهن، الحمدلله! هي اُمت اڄ به توحيد تي قائم آهي، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! قيامت تائين قائم ئي رهندي.

شرڪ جو خطرو ناهي

پياري محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي امت کي جيڪي الوداعي خطبا ارشاد فرمايا، انهن ۾ هي به خاص طور تي بيان ڪيائون، فرمايائون: وَاِنِّيْ وَاللهِ مَا اَخَافُ عَلَيْكُمْ اَنْ تُشْرِكُوْا بَعْدِيْ الله پاڪ جو قسم! مان توهان جي باري ۾ اهو خوف

نٽو ركان تہ منهنجي پٹيان توهان شرک ۾ مبتلا ٿي ويندؤ! [1]

سُبْحٰنَ اللّٰه! جڏ تہ رسولِ ذيشان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم هي گارنٽي ڏئي رهيا آهن تہ هي اُمت امتِ توحيد آهي، هي امت کڏهن بہ شرک ۾ مبتلا نہ ٿيندي. [2]

توحيد پرستي جوهک مثال

پيارا اسلامي پائرو! هن فرمانِ ذيشان جي فيضان جي هک مختصر جهلک پيش ڪريان: اسان جي ملکِ عزيز پاڪستان ۾ حضور داتا گنج بخش علي هجويري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي مزار پاک تمام مشهور آهي، پري پري کان ماڻهو هتي سلام ڪرڻ حاضر ٿيندا آهن، الحمدلله! داتا حضور جا ديوانا بہ دنيا پر ۾ تمام گهٽا آهن.

داتا حضور جي مزار پاک کجهہ اهڙي انداز سان آهي جو اتي جيکڏهن نماز پڙهون تہ مزار پاک ڏانهن پٺي هوندي آهي. والله! هي هن امت جي توحيد تي استقامت جو مثال آهي تہ داتا حضور جا ديوانا وڏي ذوق سان، وڏي شوق سان، وڏي محبت سان پري پري جو سفر ڪري هتي پهچندا آهن، سلاميون عرض ڪندا آهن، ڪيترا ئي پيرا ڏنو ويو آهي تہ جڏهن مزار پاک کان واپس موٽندا آهن تہ پوئين پيرَ تي هلندا آهن تہ جيئن مزار پاک کي پُٺي نہ ٿي وجي پر قربان وڃجي! هي توحيد پرستي جي نشاني آهي تہ جيئن ئي اذان ٿيندي آهي، نماز قائم ٿيندي آهي، اهي ئي ديوانا داتا حضور جي مزار ڏانهن ئي پٺي ڪري بيهي رهندا آهن ۽ هک وَحْدَهٗ لَاشَرِيْكَ جي حضور سجدي

1...بخاری، کتاب الجنائز، باب الصلاة علی الشهید، صفحہ:377، حدیث:1344۔
2...بخاری، کتاب الجنائز، باب الصلاة علی الشهید، صفحہ:377، حدیث:1344۔

۾ ڪِري پوندا آهن.

ديوانن جو هي انداز ٻڌائي ٿو ته اسان داتا حضور سان محبت ضرور ڪندا آهيون پر انهن کي خدا ناهيون مجيندا، سجدو صرف هڪ وَحْدَهٗ لَاشَرِيْك کي ئي ڪندا آهيون.

هڪ دل ۾ ايتريون محبتون ڪيئن...؟

هڪ پيرو حضرت امام حسن مجتبىٰ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ پنهنجي والدِ محترم حضرت عليُ المرتضىٰ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کان پڇيو: بابا سائين! ڇا توهان کي مون سان محبت آهي؟ فرمايائون: بلڪل آهي. پڇيائون: ياءُ حسين سان به آهي؟ فرمايائون: بلڪل آهي. پڇيائون: امڙ (سيده فاطمه رضي الله عنها) سان به آهي؟ فرمايائون: بلڪل آهي. پڇيائون: نانا جان حضرت محمد مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم سان به محبت آهي؟ فرمايائون: بلڪل آهي. پوءِ پڇيائون: الله پاڪ سان به محبت آهي؟ فرمايائون: ها! بلڪل آهي. عرض ڪيائون: بابا سائين! ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي، دل هڪ آهي، هڪ دل ۾ ته هڪ ئي محبوب رهي سگهي ٿو، توهان جي هڪ دل ۾ ايتريون ساريون محبتون ڪيئن سماجي ويون آهن؟ هاڻي مولىٰ علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جيڪي بَابُ مَدِيْنَةِ الْعِلْم (يعني علم جي شهر جو دروازو) آهن، انهن جو جواب ٻڌو! فرمايائون: پٽ! ڇا توهان نٿا ڏسو، جڏهن نماز جو وقت ٿي ويندو آهي ته مان توهان سيني کان ڌار ٿي الله پاڪ جي حضور حاضر ٿي ويندو آهيان (هي هن ڳالهه جي دليل آهي ته اصل ۾ هڪ ئي محبت آهي، باقي سڀ محبتون الله پاڪ جي محبت جي ڪري آهن). [1]

1...انوارِ جمال مصطفےٰ، محبت الٰہی کا بیان، صفحہ:410۔

مطلب تہ هي اُمت الحمدلله! اجا بہ توحيد تي قائم آهي. ها! ◈ اسان صحابہءِ ڪرام سان ◈ اهلِ بيتِ پاڪ سان ◈ اولياءِ ڪرام سان محبت ڪندا آهيون هي بہ الله پاڪ جي ئي محبت جو اثر آهي، انهيءَ محبت جو فيضان آهي، نہ تہ جڏهن سجدو ڪرڻ جو وقت هوندو آهي تہ صورت هي هوندي آهي تہ

ایک ہی صَف میں کھڑے ہو گئے محمود و ایاز
نہ کوئی بندہ رہا، نہ کوئی بندہ نواز
بندہ و صاحِب و محتاج و غنی ایک ہوئے
تیری سرکار میں پہنچے تو سبھی ایک ہوئے

الله پاڪ! اسان کي توفيق ڏئي، هي اُمت تہ اَلحَمْدُلله! اُمتِ توحيد آهي، الله ڪري تہ اسان سيني عاشقانِ رسول جو ايمان سلامت رهي ۽ توحيد تي ئي قائم رهندي هن دنيا مان وڃڻ نصيب ٿي وجي.

اٰمِيْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

مجھے دیدے اِیمان پر اِستقامت
خدایا بُرے خاتمے سے بچانا

پیئے سیّدِ مُحتَشَم یا الٰہی!
پڑھوں کلمہ جب نکلے دَم یا الٰہی![1]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

ناشڪري عذاب جو سبب آهي

پيارا اسلامي پائرو: الله پاڪ فرمايو:

1...وسائلِ بخشش، صفحہ:110۔

ثُمَّ عَفَوْنَا عَنْكُمْ مِّنْۢ بَعْدِ ذٰلِكَ

ترجمو كنزُالعرفان: پوءِ ان كان بعد اسان توهان كي معافي عطا فرمائي.
(سيپارو: البقرة: 52)

علماءِ ڪرام هتي هڪ سوال اٿاريو، پوءِ ان جو جواب ٻه ڏنو، سوال هي آهي تہ قبطي جيڪي هئا، يعني فرعون جي قوم وارا، انهن جو ٻہ اهو ئي جرم هو، انهن فرعون كي خدا مڃي ورتو هو، ان جي عبادت ڪري شرڪ ڪندا هئا، بني اسرائيل به اهو ئي جُرم ڪيو، قبطين تہ هڪ جيئري جاڳندي انسان كي خدا مڃيو هو، بني اسرائيل پنهنجي اكين سامهون گابو ٺهندي ڏٺو، پوءِ ان كي ئي خدا مڃي شرڪ ۾ مبتلا ٿي ويا.

يعني جرم هڪ جهڙو آهي پر قبطين كي غرق ڪيو ويو، بني اسرائيل كي غرق نہ ڪيو ويو، انهن كي توبہ جي توفيق بخشي وئي، آخر ان ۾ كهڙي حكمت آهي؟ علماءِ ڪرام فرمائن ٿا: هن سوال جو جواب آيتِ ڪريمہ جي آخر ۾ ڏنو ويو، ارشاد ٿيو:

لَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ ﴿۵۲﴾

ترجمو كنزُالعرفان: تہ جيئن توهان شكر ادا ڪريو. (سيپارو: 1، البقرة: 52)

جڏ تہ فرمايو پيو وڃي: اي بني اسرائيل! جرم فرعونين جو ٻہ اهو ئي هو پر انهن جي اندر شكر جي اهليت ختم ٿي چكي هئي، تنهنكري انهن كي غرق ڪيو ويو، توهان جي اندر شكر جي اهليت موجود آهي، تنهنكري

توهان کي موقعو فراهم ڪيو پيو وجي تہ توبہ ڪريو، شڪر بجا آڻيو! ۽ الله پاڪ جي اطاعت ۽ فرمانبرداري ۾ مصروف ٿي وجو! (1)

خبر پئي: عذاب جو هڪ سبب ناشڪري آهي. ٻانهو گناهہ ڪندو آهي، الله پاڪ مهلت ڏئي ڇڏيندو آهي، ٻانهو وري گناهہ ڪندو آهي، رب ڪريم وري مهلت عطا فرمائيندو آهي، ٻانهو وري گناهہ ڪندو آهي، ان کي وري مهلت ڏني ويندي آهي، ٻانهو گناهہ ڪندو رهندو آهي، ٻانهو گناهہ ڪندو ويندو آهي، ڪندو ويندو آهي، ايتري تائين جو ان جي دل ڪاري ٿي ويندي آهي، هو توبہ جي لائق ئي ناهي رهندو، گناهہ ۽ ناشڪري ان جي طبيعت ۾ سمائجي ويندي آهي، تڏهن اهو موقعو ايندو آهي تہ الله پاڪ پڪڙ فرمائيندو آهي ۽ ٻانهو تباهہ ۽ برباد ٿي ويندو آهي.

اهلِ يمن سيلاب ۾ گرفتار ڇوٿيا؟

عرب جو هڪ قبيلي هو، جنهن کي "سَبَا" چوندا آهن. هي ماڻهو الله پاڪ جي نبي حضرت هود عَلَيْهِ السَّلَام جي اولاد مان هئا، يمن جي هڪ ڳوٺ ۾ رهندا هئا، الله پاڪ انهن کي بي مثال نعمتن سان نوازيو هو، انهن جي ڳوٺ جي آب هوا اهڙي صاف ۽ پاڪيزه هئي جو ◈ ان ڳوٺ ۾ نہ مڇر هئا ◈ نہ نانگ وڇون ◈ نہ مکيون ◈ نہ ڪٹمل ◈ موسم نهايت معتدل (يعني نارمل)، نہ وڌيڪ گرمي هوندي هئي، نہ تمام گهٽي سردي ◈ زمين تمام زرخيز هئي، انهن جا باغ ميون سان پريل رهندا هئا، ايتري تائين جو ڪو شخص مٿي تي ٽوڪري کڻي باغ مان گذري ويندو هو تہ ان جي ٽوڪري قِسم قِسم جي ميون سان پرجي ويندي هئي، ڪيس ميوو پٽڻ جي بہ ضرورت

1...تفسير نعيمي، پاره:1، سورۂ بقرة، زير آيت:52، جلد:1، صفحہ:383 و384 مفصلًا۔

نہ پوندي هئي، ايتري ڪثرت سان ميوا لڳندا هئا، مطلب هي قوم تمام خوشحال، امن ۽ سڪون ۽ آرام سان زندگي گذاري رهي هئي.

هاڻي گهرجي هيءُ ها تہ هي ماڻهو انهن نعمتن جو شڪر ادا ڪن ها پر انهن ناشڪري ڪئي، الله پاڪ انهن جي هدايت لاءِ هڪ نبي عَلَيْهِ السَّلَام موڪليو، انهن ان نبي عَلَيْهِ السَّلَام کي ڪوڙو چيو، ٻيو نبي عَلَيْهِ السَّلَام موڪليو، ان جي ٻڪالهہ نہ مجي، ٽيون نبي عَلَيْهِ السَّلَام تشريف ڪڍي آيو، ان جي ٻہ نافرماني ڪئي، ايئن ڪندي ڪندي الله پاڪ 13 انبياءِ ڪرام عليهم السلام انهن ڏانهن موڪليا پر هي سرڪش ماڻهو هئا، ڪنهن ٻہ طرح شڪر ۽ فرمانبرداري ڏانهن مائل نہ ٿيا، هاڻي اهو موقعو آيو جو ناشڪري ۽ نافرماني انهن جي دل ۾ سمائجي چڪي هئي، تنهنڪري هاڻي انهن تي عذاب نازل ڪيو ويو. ۽ عذاب ٻہ ڇاڻو ٿا ڪيئن آيو؟ ڪوئن جي ذريعي، ان ڳوٹ جي ويجهو هڪ وڏي نهر هئي، ان نهر تي انهن بند ٻڌي رکيو هو، الله پاڪ جي قدرت ڏسو تہ ان قدرت واري رب رحمٰن ڪوئا مقرر فرمايا، جن بند جي زمين کي هيٹان پورو (خالي) ڪري ڇڏيو، ايئن اهو بند ٽٽي پيو، پوري ڳوٹ ۾ سيلاب آيو ۽ هي سڀ جا سڀ غرق ٿي تباهہ ۽ برباد ٿي ويا. (1)

خبر پئي: جيستائين ٻانهو شڪر ڪندو رهندو آهي، ان جي غلطين ۽ گناهن جي پرده پوشي ٻہ ٿيندي رهندي آهي پر جڏهن ٻانهو ناشڪري ڪندو آهي ۽ اها ناشڪري ان جي دل ۾ سمائجي ويندي آهي، تڏهن ان جي گرفت ٿيندي آهي.

1...تفسير طبری، پاره:22، سورۂ سبا، زيرِ آيت:15-16، جلد:10، صفحہ:361، حديث:28786- 28788ـ

شڪر عذاب کان بچائڻ واري نيڪي آهي

الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

مَا يَفْعَلُ اللّٰهُ بِعَذَابِكُمْ اِنْ شَكَرْتُمْ وَ اٰمَنْتُمْ ؕ وَ كَانَ اللّٰهُ شَاكِرًا عَلِيْمًا ﴿۱۴۷﴾

ترجمو ڪنزُالعرفان: ۽ جيڪڏهن توهان شڪر ڪرڻ وارا ٻڌجي وجو ۽ ايمان آڻيو ته الله پاڪ توهان کي عذاب ڏئي ڪري ڇا ڪندو ۽ الله قدر ڪرڻ وارو، ڄاڻڻ وارو آهي. (سپارو: 5، النساء: 147)

يعني اي انسانو! جيڪڏهن توهان الله جا شڪر گذار ٻانها ٻڌجي وجو ۽ ان تي ايمان آڻيو ته الله پاڪ توهان کي عذاب ڏئي ڪري ڇا ڪندو ۽ الله پاڪ جو شان هي آهي ته هو شڪر گذار مسلمانن جي قدر ڪرڻ وارو ۽ انهن کي ڄاڻڻ وارو آهي. (1)

خبر پئي: شڪر عذاب کان بچائڻ واري نيڪي آهي ۽ ناشڪري اها برائي آهي جيڪا عذاب جو سبب ٻڌجي ويندي آهي. ان ڪري اسان کي گهرجي تہ اسان الله پاڪ جو شڪر ادا ڪندا رهون.

اَلحَمْدُلله! چوڻ جي عادت بڻايو...!

پيارا اسلامي ڀائرو! شڪر ڪرڻ جو سڀ کان افضل طريقو اَلحَمْدُلله! چوڻ آهي. ڪا بہ پلائي ملي، ان جي دعا آهي: اَلحَمْدُلله! تنهنڪري وقتاً فوقتاً اَلحَمْدُلله! چوڻ جي عادت بڻايو! مثلاً ◈ صبح جو اک کلي، هي بہ نعمت آهي، اَلحَمْدُلله!

1...صراط الجنان، پاره:5، سورۂ نساء، زيرِ آيت:147، جلد:2، صفحه:338۔

چئو ◈ بستري تان اٺڻ جي لائق ٿيا، اَلحَمْدُلله! چئو ◈ پيرَ سلامت آهن، جُتي پائڻ جي قابل آهيو، اَلحَمْدُلله! چئو ◈ بيهڻ جي لائق آهيو، اَلحَمْدُلله! چئو ◈ گوڏا حرڪت ڪري رهيا آهن يعني هلڻ جي قابل آهيو، اَلحَمْدُلله! چئو ◈ ڪم لاءِ نڪتا، الله پاڪ توفيق ڏني آهي تہ نڪتا آهيو، تنهنڪري اَلحَمْدُلله! چئو ◈ شام جو گهر پهچي ويا، اَلحَمْدُلله! چئو ◈ ٻارن کي ڏٺو، اَلحَمْدُلله! چئو ◈ پاڻي پيتو تہ اَلحَمْدُلله! ◈ ماني کاڌي تہ اَلحَمْدُلله! ◈ چانهہ پيتي تہ اَلحَمْدُلله!. ايئن اَلحَمْدُلله! چوڻ جي عادت بڻائي ونو. ان جو فائدو چا ٿيندو؟ هڪ هي تہ اسان شڪر گذار بڻجڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندا سين، پوءِ ان سان گڏ بيشمار نيڪيون ۽ پلايون بہ نصيب ٿيندیون.

اَلحَمْدُلله! چوڻ جا فضائل

الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم صحابهءِ ڪرام رضيُ الله عنهم کان پڇيو: ڊالون (يعني دشمن جي وارَ کان بچڻ جي لاءِ استعمال ٿيڻ وارا هٿيار) ڪٽي ونو! صحابهءِ ڪرام رضيُ الله عنهم عرض ڪيو: يَا رسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم! ڇا دشمن حملو ڪيو آهي؟ فرمايائون: نہ بلڪ جهنم جي مقابلي ۾ پنهنجيون ڊالون ڪٽي ونو ۽ سُبْحٰنَ اللهِ وَالْحَمْدُ لِلّٰهِ وَلَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ وَاللهُ اَكْبَر پڙهندا ڪريو چو تہ هي ڪلما قيامت جي ڏينهن اڳيان ۽ پويان توهان جي حفاظت ڪندا.[1] اسان جي پياري نبي، مڪي مدني، محمدِ عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم صحابهءِ ڪرام رضيُ الله عنهم کي فرمايو: ڇا توهان مان ڪو روزانو احد جبل جي برابر عمل جي طاقت رکي ٿو؟ عرض ڪيائون: يا رسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم! روزانو احد

1...مستدرک، کتاب الدعا والتکبیر، باب المنجیات الباقیات ...الخ، جلد:2، صفحہ:235، حدیث:2029۔

جبل جي برابر عمل جي طاقت ڪير رکي سگهي ٿو؟ فرمايائون: توهان سپ ان جي طاقت رکو ٿا. عرض ڪيو ويو: اهو ڪيئن؟ فرمايائون: اَلحَمْدُلِلّٰه! چوڻ احد جبل کان وڌيڪ عظمت وارو آهي[1] حضرت ابو مالڪ اشعري رضیَاللّٰہعنہ کان روايت آهي رسولِ اڪرم، نورِ مُجسم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: اَلحَمْدُلِلّٰه! چوڻ ميزان کي پري ڇڏيندو آهي.[2] يعني اَلحَمْدُلِلّٰه! چوڻ سان ايترو ثواب ملندو آهي جو قيامت جي ڏينهن جڏهن هي ثواب عملن جي ترازو ۾ رکيو ويندو تہ ترازو پرجي ويندو.[3]

الله پاڪ اسان کي ڪثرت سان شڪر ڪرڻ ۽ اَلحَمْدُلِلّٰه! چوندي زبان کي ذڪرِ الاهي سان آلو رکڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِیْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

ذکر و درود ہر گھڑی ورد زباں رہے | میری فضول گوئی کی عادت نکال دو[4]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

ڪلموايند دعا (Kalma & Dua) ايپ جو تعارف

پيارا اسلامي پائرو! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي آئي ٽي ڊپارٽمينٽ هڪ تمام پياري موبائل ايپلي ڪيشن بنام ڪلمو ۽ دعا (Kalma&Dua) جاري ڪئي آهي. هن ايپلي ڪيشن جي ذريعي تمام آسان

1...معجم كبير، جلد:7، صفحہ:279-280، حديث:14812 ملتقطًا۔
2...مسلم، كتاب الطہارة، باب، فضل الوضوء، صفحہ:106، حديث:223 ملتقطاً۔
3...فيض القدير، جلد:4صفحہ:384 ۔
4...وسائل بخشش، صفحہ:305۔

انداز سان ٻارن جي تربيت ڪري سگهجي ٿي ◈ هن ايپلي ڪيشن ۾ ٻارن لاءِ 6 ڪلما آڊيو جي صورت ۾، حرفن جي ادائگي ۽ ترجمي سان ◈ روزانو جون 16 مختلف دعائون مثلاً ◈ پاڻي پيئڻ جي دعا ◈ ماني کائڻ کان پهريان ۽ پوءِ جي دعا ◈ کير پيئڻ جي دعا ◈ سمهڻ وقت جي دعا وغيره حرفن جي ادائگي ۽ ترجمي سان ◈ ۽ مختلف موضوعن تي سنتون ۽ آداب وغيره شامل آهن. پنهنجي موبائل ۾ هي ايپلي ڪيشن انسٽال ڪري فائدو حاصل ڪريو ۽ ٻين کي به ترغيب ڏيو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

بيان کي پڄاڻي طرف آڻيندي هڪ شرعي مسئلو عرض ڪريان ٿو:

درست چا آهي؟

(درست شرعي مسئلو ۽ عوام ۾ لڌي ويندڙ غلط فهمي جي نشاندهي)

مسئلو: نمازي جي طرف ٻئي شخص جو منهن ڪرڻ، ناجائز ۽ گناهه آهي.

وضاحت: هي هڪ مسئلو اسان وٽ تمام عام ٿيندو پيو وڃي ته جڏهن جماعت ختم ٿيندي آهي، سلام ڦيرايو ويندو آهي ته اڳين صفن وارا جلدي جلدي پوئتي وڃڻ جي ڪوشش ڪندا آهن، پوئتي جڳهه نه هوندي آهي ڪي ماڻهو پنهنجي رهيل رڪعتون پڙهي رهيا هوندا آهن، عام طور ڏٺو ويو آهي ته هي گذرڻ وارا نمازي جي طرف رخ ڪري بيهي رهندا آهن، اهڙي طرح ٻين موقعن تي به نمازي جي سامهون منهن ڪري بيهندا آهن، ائين ڪرڻ، ناجائز ۽ گناهه آهي. بهار شريعت ۾ آهي، ڪنهن شخص جي منهن جي

سامهون نماز پڑهڻ (يعني سامهون وينل شخص جو چهرو يا رُخ توهان جي طرف هجي تہ ان جي طرف رخ ڪري نماز پڑهڻ) مڪروهِ تحريمي آهي. اهڙي طرح ٻئي شخص کي نمازي جي طرف منهن ڪرڻ ٻہ ناجائز ۽ گناهہ آهي.[1] الله پاڪ اسان کي درست اسلامي احڪام سکڻ ۽ انهن تي عمل ڪرڻ جي توفيق نصيب فرمائي. اٰمِيْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

اسماءُ الحسنىٰ جون برڪتون (وظيفو)

يَاوَارِثُ (اي حقيقي مالڪ!)

جيڪو ڪو "يَاوَارِثُ" جو ورد ڪندو اِن شَاءَ الله! ان جي عمر ڊگهي ٿيندي.[2] الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

1...بهارِ شريعت، جلد:1، حصہ:3، صفحہ:626۔
2...مدنی پنج سورہ، صفحہ: 259۔